اميرِ اهلسنت دامت برڪاتهم العاليه جي ڪتاب ”فيضانِ نماز“ جي پهرين قسط ترميم واضافي سان گڏ



# نماز

## ڪان مدد گهرڻ جون تي حڪايتون

سنڌي


شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنت، باني دعوتِ اسلامي حضرت علامه مولانا ابوبلال

محمد الياس عطار قادري رضوي

دامت برڪاتهم العاليه

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# نمازڪان مدد گهرڻ جون ٽي حڪايتون

## درود شريف جي فضيلت

فرمانِ آخري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ” مون تي درود شريف پڙهي ڪري پنهنجي مجلسن کي آراسته ڪيو ڇوته توهان جو دُرود پاڪ پڙهڻ قيامت جي ڏينهن توهان جي لاءِ نور ٿيندو.“

(سنن نسائی،ص 220، حديث :1281)

## (1) پٽ کي پوليس ڇڏي ڏنو (حڪايت)

حضرت اَبُوالحَسن سَرِي سَقَطِيرَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي خدمتِ بابرڪت ۾ پاڙيسري عورت اچي عرض ڪيو: اي اَبوالحسن! رات منهنجي پٽ کي سپاهي پڪڙي ويا آهن ڪٿي اهي ڪيس تڪليف نہ پهچائن، مهرباني ڪيو! منهنجي پٽ جي سفارش ڪيو يا ڪنهن کي مون سان گڏ موڪليو. پاڙيسري عورت جو فرياد ٻڌي ڪري پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه بيهي خشوع ۽ خضوع سان نماز ۾ مشغول ٿي ويا. جڏهن ڪافي دير ٿي وئي تہ ان عورت چيو: اي ابوالحسن! جلدي ڪيو! ڪٿي ائين نہ ٿئي جو حاڪم منهنجي پٽ کي جيل ۾ واڙي ڇڏي! پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه نماز ۾ مشغول رهيا، پوءِ سلام ڦيرڻ کان بعد فرمايائون: ”اي الله پاڪ جي

ٻانهي! مان تنهنجو مسئلو ئي تہ حل ڪري رهيو آهيان.“ اجان اها گفتگو هلي ئي رهي هئي تہ ان پاڙي واريءَ جي خادمہ ڊوڙندي آئي ۽ چوڻ لڳي: ٻيبي صاحبہ! گهر هلو! اوهان جو پٽ گهر پهچي ويو آهي. اهو ٻڌي ڪري اها پاڙيسري عورت ڏاڍي خوش ٿي ۽ سندن ڪي دعائون ڏيندي اتان ڪان رواني ٿي وئي.

(عيون الحڪايات ص165 ملخّصاً). (عيون الحڪايات (اردو) جلد1 ص266)

اللّٰهُ رَبُّ العِزّت جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

قیدیو! چاہو براءت، تم پڑھو دل سے نماز
دور ہو جائے گی آفت، تم پڑھو دل سے نماز

## (2) بي انداز مينهن وسيو..... پر ڪيئن؟
## (حڪايت)

خادمِ رسول حضرت انس بن مالڪ رَضِیَ اللہُ عَنْہُ جو مالهي هڪ ڀيري حاضر ٿي سخت ڏڪار(يعني مينهن نہ وسڻ) جي شڪايت ڪئي. پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْہُ وضو ڪيو ۽ نماز پڙهي فرمايائون: اي مالهي! آسمان ڏانهن نهار! ڇا توکي ڪجهہ نظر اچي رهيو آهي؟ اُن عرض ڪيو: حضور! مونکي آسمان ۾ ڪجهہ بہ نظر نہ پيو اچي! حضرت انس رَضِیَ اللہُ عَنْہُ ٻيهر نماز پڙهي اهو ئي سوال ڪيو ۽ مالهيءَ ساڳيو ئي جواب ڏنو. وري ٽئين يا چوٿين ڀيري نماز پڙهي اهو ئي سوال ڪيائين تہ مالهي جواب ڏنو: هڪ پکي جي پَر جي

برابر ڪڪر جو ٽڪرو نظر اچي رهيو آهي. پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ نماز ۽ دعا ۾ برابر مشغول رهيا ايستائين جو آسمان ۾ چؤطرف ڪڪر ڇانئجي ويا ۽ تمام گهڻو مينهن وسيو. حضرت انس بن مالڪ رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ مالهيءَ کي حڪم ڏنو: گهوڙي تي چڙهي ڏسو تہ مينهن ڪيستائين پهتو آهي؟ ان چؤطرف گهوڙو ڊوڙائي ڏنو ۽ اچي ڪري چيو تہ اهو مينهن ”مُسَيَّرِين“ ۽ ”غضبان“ جي محلن کان اڳتي ناهي وڌيو.

(ڪراماتِ صحابه ص198 )(طبقاتِ ابن سعد جلد7 ص15)

اللّٰهُ رَبّ العِزّت جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.

اٰمِيۡن بِجَاهِ النَّبِیِّ الۡاَمِيۡن صَلَّى اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

ابرِ رحمت جھوم کر برسے گا ہو جائے گی دور

قحط سالی کی مصیبت تم پڑھو دل سے نماز

## (3) چشمو جاري ٿي ويو (حڪايت)

حضرت عُقْبہ بن نافِع فِهري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو لشڪر آفريقہ جي جهادن ۾ هڪ پيري ڪنهن اهڙي جڳهہ تي پهتو جتي پاڻي جو پري پري تائين نالو نشان نہ هو، ۽ اسلامي لشڪر سخت اُڃ جي ڪري پريشان ٿيڻ لڳو. حضرت سيدنا نافِع فِهري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ٻہ رڪعتون نماز پڙهي دعا جي لاءِ هٿ کنيا، اڃان دعا ختم بہ ڪانہ ٿي هئي تہ سندن گهوڙو پنهنجي کُر سان زمين کوٽڻ لڳو. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه اٿي ڏٺو تہ مٽي پَري ٿي چڪي هئي ۽ هڪ پٿر نظر اچي رهيو هو! پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جيئن ئي پٿر هٽايو تہ يڪدم ان جي هينان کان پاڻي جو چشمو وهڻ لڳو ۽ ايتري قدر

پاڻي نڪتو جو سڄي لشڪر ڍؤ ڪري پاڻي پيتو، تمام جانورن بہ خوب پاڻي پيتو ۽ لشڪر وارن پنهنجين پنهنجين ڪلين ۾ بہ ڀري ورتو، پوءِ اُن چشمي کي وهندڙ ڇڏي لشڪر اڳتي روانو ٿي ويو. (الكامل في التاريخ جلد3 ص451) اللّٰہُ رَبّ العِزّت جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.

اٰمِيۡن بِجَاهِ النَّبِيِّ الۡاَمِيۡن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

قطعہ بے آب ہو، بے چین ہو بے تاب ہو
پیاس کی ہو دور شدت، تم پڑھو دل سے نماز

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب ! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## اسان کي نماز سان سڪون پهچاءِ

اي عاشقانِ نماز! جڏهن ڪا مصيبت اچي يا بلا نازل ٿئي يا ڪوئي نازڪ معاملو پيش اچي تہ جلدي ۾ نماز جو سهارو وٺڻ گهرجي، اسان جا پيارا آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي اهم معاملو پيش ايندو هو تہ نماز ۾ مشغول ٿي ويندا هئا ڇوتہ نماز تمام اذڪار ۽ دعا جي جامع (يعني پورو ڪرڻ واري) آهي، ان جي برڪت سان رنج ۽ غم دور ٿيندا آهن. اهو ئي سبب آهي جو مديني جا تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضرت بلال رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کي فرمائيندا هئا: "اي بلال! اسان کي نماز سان سڪون پهچاءِ". (معجم الڪبير جلد6 ص277،حديث:621) (يعني اي بلال! آذان ڏي تہ جيئن اسان نماز ۾ مشغول ٿيون ۽ اسان کي راحت ملي). حضرت عبدالله بن مسعود رَضِيَ اللهُ عَنْهُ فرمائن ٿا: جڏهن توهان آسمان مان کو (گوڙ وغيره جو

ڏيڄاريندڙ) آواز ٻڌو تہ نماز جي طرف متوجهہ ٿي ويندا ڪريو. (شرحُ البخاري لابنِ بطال جلد3 ص26) **”مبسوط“** ۾ آهي: جڏهن اُونداهي ڇانئجي وڃي يا زوردار هوائون هلڻ لڳن تہ اُن وقت نماز پڙهڻ بهتر آهي، حضرت عبدالله بن عباس رَضِیَ اللّٰہُ عَنْھُمَا جي باري ۾ روايت ۾ اچي ٿو تہ بصره ۾ زلزلو آيو تہ پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْھُمَا نماز ۾ مشغول ٿي ويا.

(مرقاة المفاتيح جلد3 ص598)

## ٻہ رڪعتون نماز مستحب هئڻ جا ڪجهہ موقعا

حضرت علامہ مولانا مُفتي امجد علي اعظمي رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَيْه فرمائن ٿا: طوفان اچي يا ڏينهن ۾ سخت اونداهي ڇانئجي وڃي يا رات جي ڪنهن پهر ۾ خوفناڪ روشني ٿئي يا لاڳيتو بي انداز مينهن وسي يا ڪثرت سان ڳڙا پون يا آسمان ڳاڙهو ٿي

وجي يا ڪِوَڙِيُون ڪِرن يا ڪثرت سان تارا ٽٽن يا طاعون وغيره جي بيماري پکڙجي يا زلزلا اچن يا دشمن جو خوف هجي يا ٻيو ڪو خوفناڪ معاملو پيش اچي ته انهن سڀني جي لاءِ ٻه رڪعتون نماز پڙهڻ مستحب آهي.

(عالمگيری جلد1 ص153) (بهارِ شريعت جلد1 ص788)

## لکڻ دوران جڏهن زلزلو آيو (حڪايت)

امام فخر الدين رازي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: اڄ صبح پهرين محرم الحرام 602 هجري تي مان هن ڪتاب (يعني تفسيرِ ڪبير) جا ورق لکي رهيو هيس ته اوچتو زلزلي جا جهٽڪا آيا ۽ زوردار آواز آيو! مون ماڻهن کي ڏٺو ته اهي ٻاڏائيندي ۽ زارو قطار روئيندي دعائون گهري رهيا هئا. پوءِ جڏهن زمين پُرسڪون ٿي وئي، خوشگوار هوا هلڻ لڳي

۽ حالات معمول تي اچي ويا ته اُهي ئي ماڻهو وري پنهنجي حرڪتن ۾ مشغول ٿي ويا ۽ ساڳي طرح فضول ۽ بيهوده ڪمن ۾ مصروف ٿي ويا ۽ هُو وساري ويٺا ته ڪجهه دير پهريان دانهون ۽ رڙيون ڪري رهيا هئا، الله پاڪ جي نالي جا واسطا ڏئي رهيا هئا ۽ ان کان ٻاڏائي دعائون گهري رهيا هئا.

(تفسيرِ ڪبير جلد 7 ص223)

## ٻانهو مصيبت ۾ رب کي پڪاريندو آ....!

سيپاري 23 سورة زمر جي آيت نمبر8 ۾ ارشاد ٿئي ٿو: وَ اِذَا مَسَّ الْاِنْسَانَ ضُرٌّ دَعَا رَبَّهٗ مُنِیْبًا اِلَیْهِ ثُمَّ اِذَا خَوَّلَهٗ نِعْمَةً مِّنْهُ نَسِیَ مَا كَانَ یَدْعُوْۤا اِلَیْهِ مِنْ قَبْلُ

ترجمو ڪنزالايمان: جڏهن ماڻهو کي ڪا تڪليف پهچي ٿي ته پنهنجي رب کي پڪاري ٿو انهيءَ جي طرف جهڪندي پوءِ

جڏهن ان کي پاڻ وٽان ڪا نعمت ڏني تہ وساري ويهي ٿو جنهن جي واسطي اڳي پڪاريندو هو

ائين ئي سيپاري 11 سورة يونس جي آيت نمبر 12 ۾ ارشاد ٿئي ٿو:

وَ اِذَا مَسَّ الْاِنْسَانَ الضُّرُّ دَعَانَا لِجَنْۢبِهٖۤ اَوْ قَاعِدًا اَوْ قَآىٕمًا ۚ فَلَمَّا كَشَفْنَا عَنْهُ ضُرَّهٗ مَرَّ كَاَنْ لَّمْ یَدْعُنَاۤ اِلٰى ضُرٍّ مَّسَّهٗ ؕ

ترجمو ڪنزالايمان: جڏهن انسان کي تڪليف پهچندي آهي تہ اسان کي پڪاريندو آهي، ستي ۽ ويني ۽ بيني پوءِ جڏهن اسان ان کان تڪليف ٽاري ڇڏيندا آهيون تہ هليو ويندو آهي ڄڻ تہ ڪڏهن بہ ڪنهن تڪليف پهچڻ تي اسان کي سڏيو ئي نہ هئائين

صدرالافاضل حضرت علامہ مولانا سيد محمد نعيم الدين مرادآبادي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه هن آيت جي حوالي سان

لکن ٿا: مقصد ھي آھي تہ انسان مصيبت جي وقت ڏاڍو بي صبرو آھي ۽ راحت جي وقت نھايت ناشڪرو، جڏھن تڪليف پھچندي آھي تہ اُٿندي، ويھندي، ليٽندي، سمھندي ھر حال ۾ دعا گھرندو آھي جڏھن اللّٰہ پاڪ تڪليف دور ڪري تہ شڪر ناھي ڪندو ۽ پنھنجي ساڳي حالت ڏانھن موٽي ويندو آھي، اھا حالت غافل جي آھي، عقلمند مؤمن جي حالت ان جي برخلاف ھوندي آھي، اھو مصيبت ۽ بلائن تي صبر ڪندو آھي، راحت ۽ آسائش ۾ شڪر ڪندو آھي، تڪليف ۽ راحت جي تمام حالتن ۾ اللّٰہ پاڪ جي بارگاھ ۾ روئندو ۽ اِلتجائون ڪندو آھي ۽ دعا ڪندو آھي ۽ ھڪ مقام ان کان بہ اعليٰ آھي جيڪو مؤمنن ۾ بہ

خاص ٻانهن کي حاصل آهي تہ جڏهن کا مصيبت ۽ بلا نازل ٿيندي آهي تہ ان تي صبر ڪندا آهن، قضاءِ الٰهي تي دل سان راضي هوندا آهن ۽ هر حالت ۾ شڪر ادا ڪندا آهن. (خزائن العرفان ص393)

## وضو ۽ نماز بيمارين کان بچائيندي آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! نماز ۾ جهڙي طرح مصيبتن جو علاج آهي. اهڙي طرح ان ۾ بيمارين جو بہ علاج آهي، پاڻ طبيبن بہ ان ڳالھ جو اعتراف ڪيو آهي تہ وضو ڪرڻ وارو ماڻهو دماغي مرضن ۾ تمام گهٽ مبتلا ٿيندو آهي، نمازي چرياڻپ ۽ ٽِلي جي بيمارين کان اڪثر محفوظ رهندو آهي، نماز پڙهڻ جي لاءِ ڏينهن ۾ ڪيئي ڀيرا وضو ڪرڻ سان

عضوا ڏوپجندا رهن ٿا ۽ نمازي ڪپڙا بہ صاف سٿرا رکندو آهي، ان ڪري گندگين ۽ ناپاڪين کان حفاظت رهندي آهي ۽ ظاهر آهي تہ گندگي ڪيئي بيمارين جي پاڙ آهي.

## نماز ۾ شفا آهي

حضرت ابو هريره رَضِیَ اللہُ عَنْہُ بيان ڪن ٿا تہ هڪ ڀيري آءُ نماز پڙهي سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم وٽ ويهي رهيس. پاڻ ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ڇا توکي پيٽ ۾ سور آهي؟ مون عرض ڪيو: جي ها. فرمايائون: قُمْ فَصَلِّ، فَاِنَّ فِی الصَّلَاۃِ شِفَآءً يعني ”اُٿ ۽ نماز پڙهہ ڇوتہ نماز ۾ شفا آهي.“

(ابن ماجہ جلد4 ص98 حديث:3458)

بے عدد امراض سے محفوظ رکھے گی تمہیں
حق سے دلوائے گی صحت، تم پڑھو دل سے نماز

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

# نماز مان حاصل ٿيندڙ جسماني ۽ روحاني بيمارن کان شفا وغيره جي متعلق 21 مدني گل

(ابتدائي 7 مدني گل ”ابن ماجه حاشيو سنڌي“ جلد 4 ص 98 مان ۽ باقي”فيض القدير“ جلد4 ص689 مان پيش ڪيا ويا آهن)

(1) نماز دل، معدي ۽ آنڊي وغيره جي مرضن کان شفا ڏيندي آهي. (2) نماز درد ۽ غم جو احساس وساري ڇڏيندي يا گهٽ ڪري ڇڏيندي آهي. (3)

نماز ۾ بهترين ورزش آهي جو ان جي قيام ۾، رڪوع ۽ سجود وغيره ڪرڻ سان جسم جا اڪثر جوڙ حرڪت ڪندا آهن. (4) نزلي زڪام جي مريض جي لاءِ ڏگهو سجدو ڪرڻ نهايت فائديمند آهي. (5) سجدي ڪرڻ سان بند نڪ کلندو آهي. (6) آنڊن ۾ جمع ٿيڻ واري غير ضروري مواد کي حرڪت ڏئي ڪڍڻ ۾ سجدو ڪافي مددگار ثابت ٿيندو آهي (7) نماز سان ذهن صاف ٿيندو آهي ۽ غصي جي باهه وسامي ويندي آهي. (8) نماز رزق آڻيندي. (9) صحت جي حفاظت ڪندي. (10) اَذيت (يعني تڪليف) دور ڪندي. (11) بيماري ڀڄائيندي. (12) دل جي قوت وڌائيندي. (13) خوشي جو سامان بڻجندي. (14) سستي دور ڪندي. (15) سينو کوليندي. (16) روح کي غذا ڏيندي. (17) دل روشن

ڪندي. (18) چهرو چمڪائيندي. (19) برڪت آڻيندي. (20) خدا پاڪ جي ويجهو ڪندي. (21) شيطان کي پري ڀڄائيندي آهي. (هي فائدا انهيءَ صورت ۾ حاصل ٿي سگهن ٿا جڏهن نماز اطمينان سان درست طريقي سان پڙهي وڃي.)

دور ہوں بیماریاں بے کاریاں ناکامیاں
دل میں داخل ہو مسرت، تم پڑھو دل سے نماز

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ڪهڙي نبيءَ ڪهڙي نماز پڙهي

ڪجهه نبين سڳورن عَلَيۡهِمُ السَّلَام مختلف وقتن جون نمازون الڳ الڳ موقعن تي ادا فرمايون. الله پاڪ پنهنجي هنن پيارن جي پيارين ادائن کي

اسان مصطفٰي جي غلامن تي فرض ڪري ڇڏيو.
جيئن اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڪجھ روايتون بيان ڪرڻ ڪانپوءِ جنھن روايت ڪي بھتر قرار ڏنو ان جي مطابق نمازِ فجر حضرت آدم صَفِيُّ اللّٰه، نمازِ ظھر حضرت دائود، نمازِ عصر حضرت سُليمان نمازِ مغرب حضرت يعقوب ۽ نمازِ عشاء حضرت يونس عَلَيْهِمُ السَّلَام سڀ کان پھريان ادا فرمايون. (فتاويٰ رضويه جلد 5 ص43 کان 73 ملخصاً)

## صبح ٿيڻ جو شڪرانو

”فتاويٰ شامي“ ۾ آهي: حضرت آدم صَفِيُّ اللّٰه عَلَيْهِ السَّلَام صبح ٿيڻ جي شڪراڻي ۾ ٻه رڪعتون سڀ کان پھريان ادا ڪيون تہ ھي نماز فجر ٿي وئي. (ردالمحتار جلد2 ص16)

اللّٰهُ رَبُّ العِزّت جي رحمت سان جنت ۾ سوجهرو ئي سوجهرو، نور ئي نور آهي. جڏهن حضرت آدم عَلَيۡهِ السَّلَام پنهنجي مبارڪ قدمن سان زمين کي شرف بخشيو تہ رات (Night) ڏٺائين ۽ جڏهن صبح ٿي تہ خوش ٿيا ۽ شڪراڻي ۾ نمازِ فجر ادا ڪيائون.

## پنج ئي نمازون اُمّتِ مصطفٰي کي ڏنيون ويون

مفتي احمد يار خان رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: ٻين اُمّتن کي پنج وقت جون نمازون نہ مليون اها هن اُمّت جي خصوصيت آهي (يعني اُمّتِ مصطفيٰ کي مليون) ها باقي هي نمازون مختلف انبياءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ السَّلَام ضرور ادا ڪيون. (شانِ حبيب الرحمٰن ص125)

## نمازءِ ماتحتن جو خيال رکو

اُمُّ المؤمنين حضرت اُمِّ سلمہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡهَا فرمائن ٿيو تہ نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہ عَلَيۡهِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پنهنجي مرضِ وصال (يعني جنهن بيماريءَ ۾ پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہ عَلَيۡهِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي ظاهري وفات ٿئي) ۾ فرمائيندا هئا: ”نماز کي پابندي سان ادا ڪندا رهو ۽ پنهنجي غلامن جو خيال رکو.“ (ابن ماجه جلد2ص282حديث:162)

## مصطفيٰ جان رحمت جي آخري وصيت

حضرت علامہ مفتي احمد يارخان رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه هن حديثِ پاڪ جي حوالي سان فرمائن ٿا: يعني نماز جي حفاظت ۽ پابندي ڪيو مرڻ وقت تائين نہ ڇڏيو. خبر پئي تہ نماز تمام اهم فريضو آهي جو حضور ڪريم صَلَّی اللّٰہ عَلَيۡهِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم خصوصيت سان ان

جي وصيت فرمائي، سعادت مند اولاد پيءُ جي وصيت تي سختي سان عمل ڪندو آهي. سعادتمند اُمَّتي اهو آهي جيڪو حضور پاڪ صَلَّی اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي هن وصيت تي پابندي سان عمل ڪري، اللّٰه پاڪ توفيق ڏئي. (مراٰة المناجيح جلد5ص122 مختصراً)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## نماز جنت جي ڪنجي آهي

حضرت جابر رَضِیَ اللّٰهُ عَنۡهُ جو بيان آهي ته اللّٰه پاڪ جي پياري حبيب صَلَّی اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: جنت جي ڪنجي نماز آهي ۽ نماز جي ڪنجي وضو آهي. (ترمذي شريف جلد1 ص85،حديث:4)

## جنت جي درجن جي ڪُنجي

حضرت مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه هن حديث پاڪ جي حوالي سان لکن ٿا: يعني جنت جي درجن جي ڪنجي نماز آهي لهٰذا هي حديثِ پاڪ هن حديث جي ابتڙ ناهي تہ جنت جي ڪنجي ڪلمۂ طيبہ آهي جو (هن مان مراد) اتي خود جنت جي ئي ڪنجي مراد آهي. توڙي جو نماز جا شرط گهٽا آهن، وقت، قبلي طرف منهن هجڻ وغيره، پر طهارت تمام اهم آهي انڪري ان کي نماز جي ڪنجي چيو ويو. (مرأۃالمناجيح جلد1 ص260) حضرت شيخ محدث دهلوي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: ”جهڙي طرح دروازو ڪُنجي کان سواءِ نٿو کُلي سگهي اهڙي طرح جنت جو دروازو بہ نماز کان سواءِ نہ کلندو،

ان ڪري نماز کي ”ايمان“ جي لفظ سان تعبير ڪيو ويو آهي.“ (اشعة اللمعات جلد1 ص542)

## ڪُنجيءَ جا ڏند

تابعي بزرگ حضرت وَهْب بن مُنَبِّہ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کان پڇيو ويو: ڇا لَآ اِلٰهَ اِلَّااللّٰه جنت جي ڪُنجي ناهي؟ ارشاد فرمايائون: ڇونہ! پر هر ڪُنجي جا ڏند هوندا آهن، جيڪڏهن ڏندن واري ڪُنجي آڻيندؤ تہ تالو کُلي ويندو نہ تہ ڪونہ کلندو. (بخاري شريف جلد1ص419)
صحابي ابن صحابي حضرت عبدالله بن عباس رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا کان جڏهن (تابعي بزرگ) حضرت وَهْب بن مُنَبِّہ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي اها ڳالهہ ذڪر ڪئي وئي تہ پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ ارشاد فرمايائون: وهب سچ چيو، ڇا مان توهان کي انهن ڏندن جي باري ۾ نہ ٻڌايان اهي

ڪھڙا آھن؟ پوءِ پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ نماز، زڪوٰة ۽ احڪامِ اسلام بيان فرمايا. (الروض الانف جلد4 ص 391)
”عمدالقاري“ ۾ آھي: ھن (يعني جنت جي) ڪنجي جا ڏند فرضن ۽ واجبن جو ادا ڪرڻ ۽ گناھن کان بچڻ آھي. (عمدة القاري جلد6ص4)

## ھر مسلمان جنتي آھي

اي عاشقانِ رسول! جيڪڏھن ڪنھن فرائض ۽ واجبات ۾ ڪوتاھي (يعني ڪمي) ڪئي ۽ گناھن کان نہ بچيو پر ايمان سان ھن دنيا مان رخصت ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو تہ اھو جنت ۾ ضرور داخل ٿيندو. اللہ چاھي تہ پنھنجي رحمت سان بي حساب ئي جنت ۾ داخل فرمائي ڇڏي ۽ جيڪڏھن مَعَاذَاللہ گناھن جي سبب ڪنھن کي عذاب ڏئي تہ آخر ۾ جنت عنايت فرمائيندو. پر اسان جھنم کان

پناھ گھرون ٿا، خدا جو قسم! گھڙي کن جو بہ کو جھنم جو عذاب سھي نہ سگھندو.

کہیں کا آہ! گناہوں نے اب نہیں چھوڑا!

عذابِ نار سے عطار کو بچا یارب

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## وضو ۾ ڪيون ويندڙ ڪجھ غلطيون

پڻ حديث پاڪ جي حصي **”نماز جي ڪنجي وضو آھي“** مان وضو جي اھميت جو اندازو لڳائي سگھجي ٿو. وضو توجھ سان ڪرڻ گھرجي تہ جيئن ھن جو فرض بلڪ سنت بہ باقي نہ رھي. ڏسو تہ! جيڪڏھن ڪو صرف 250 گرام کير بہ گرم ڪرڻ جي لاءِ چلھي تي رکندو آھي تہ ڌيان

سان ڪير گرم ڪندو آهي، چوتہ اُن کي خبر آهي
تہ جيڪڏهن مون غفلت ڪئي تہ ڪير اُبري ضايع
ٿي سگهي ٿو. معمولي نقصان کان بچڻ جي لاءِ تہ
انسان برابر ڌيان رکندو آهي پر افسوس! اڄڪلهہ
جلدبازي ۽ غفلت جي ڪري، اڪثر ماڻهو وضو
جي سنتن جو بلڪل بہ خيال نٿا رکن بلڪ بعض
اوقات تہ فرضن جي بہ پرواهہ ناهن ڪندا! مثال
طور ڳُرڙي ۾ وات جي تمام اَندروني حصن ۽
ڏندن جي سيني پاڙن وغيره ۾ پاڻي پهچي وڃي ۽
نڪ ۾ پاڻي وجهڻ ۾ نرم هڏي تائين پهچي وڃي.
وضو ۾ اهڙي طرح ڳُرڙي ڪرڻ ۽ نڪ ۾ پاڻي
وجهڻ سنتِ مؤڪده ۽ غسل ۾ فرض آهي پر
اڪثر ماڻهن کي ڏنو ويو آهي تہ ڳُرڙي ڪرڻ مَهل
جلدي جلدي ۾ ٿي ڀيرا ڀِڇڪ ڪري وٺندا آهن يا

نڪ جي چُوٽي تي ٽي پيرا پاڻي لڳائي وٺندا آهن.
وضو ۾ هڪ اڌ پيرو ائين ڪرڻ بُرو ۽ ان جي
عادت بڻائڻ گناھ آهي. ۽ جيڪڏهن غسل ۾ ائين
ڪيو تہ غسل ٿيو ئي نہ، ائين ئي ٻئي هٿ نوننين
تائين اهڙي طرح ڌوئڻ گھرجن جو پاڻي جي لار
نونين تائين برابر وهندي وڃي پر هڪ تعداد اهڙي
بہ آهي جيڪي بُڪ ۾ پاڻي کڻي ڪارائي ڪان ٿئي
پيرا وهائي ڇڏيندا آهن، اهڙي طرح ڌوئڻ سان
نونڻ بلڪ ڪارائي جي ڪَروٽ تي پاڻي نہ وهڻ
جو اِمڪان رهندو آهي، ائين ئي اهو لحاظ بہ
ضروري آهي جو هڪ وَار بہ سڪل نہ رهي،
جيڪڏهن پاڻي ڪنهن وَار جي پاڙ کي آلو ڪندي
وهي ويو ۽ وَار جو مٿاهين وارو حصو سڪل

رهجي ويو تہ وضو نہ ٿيندو. غور ڪيو وضو جون بي احتياطيون ڪيڏي وڏي اُخروي نقصان جو سبب بڻجن ٿيون. وضو جي ضروي معلومات جي لاءِ مڪتبة المدينہ جي ڪتاب ”**نماز جا احڪام**“ ۾ شامل رسالو ”وضو جو طريقو“ ضرور پڙهو.

## جيڪڏهن هڪ اسلامي ڀاءُ ڪوشش ڪري تہ...!

پيارا اسلامي ڀائرو! وضوء غسل ۽ نماز جو درست طريقو سکڻ ۽ دنيا ۽ آخرت جون ڪيتريون ئي ڀلايون ماڻڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان هر دم وابستہ رهو. اوهان جي ترغيب جي لاءِ هڪ ”مدني بهار“ پيش ڪجي ٿي: ڏيره اسماعيل خان جي رهائشي اسلامي ڀاءُ پنهنجي

زندگي جو هڪ تمام وڏو حصو علمِ دين کان دوري جي ڪري گناهن ۾ گذاري ڇڏيو هڪ ڏينهن قريبي ڳوٺ جو رهائشي هڪ مبلغِ دعوتِ اسلامي ان جي ڳوٺ ۾ تشريف کڻي آيو ان عصر کانپوءِ مدني دورو ڪيو، مغرب کانپوءِ سنتن ڀريو بيان ڪيائين ۽ بيان جي آخر ۾ انهن هفتيوار سنتن ڀريي اجتماع ۾ شرڪت جي ترغيب به ڏياري. اُن اسلامي ڀاء اجتماع ۾ شرڪت جي نيت ته ڪري ورتي پر دعوتِ اسلامي جو مدني مرڪز ڳوٺ کان گھڻو پري هجڻ جي ڪري اجتماع ۾ شريڪ نه ٿي سگھيو. ايندڙ هفتي اهو ئي اسلامي ڀاء وري تشريف کڻي آيو، مدني دورو ڪيائين ۽ مغرب بعد سنتن ڀريو بيان ڪيائين اهڙي طرح هڪ مهينو گذري ويو پر اهو اجتماع ۾ شريڪ نه ٿي

سگھيو. ٽئي پيري ساڳيو اسلامي ڀاءُ مدني قافلي سان گڏ ڳوٺ ۾ آيو انفرادي ڪوشش جي ذريعي اُن سميت ٽن ڇئن اسلامي ڀائرن کي اجتماع جي لاءِ تيار ڪري ورتو. هن ڀيري اهو هفتيوار سنتن ڀريي اجتماع ۾ پهچڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. سنتن ڀريي بيان ڪانپوءِ ذڪر ۽ دعا جي ترغيب ٿي، دورانِ دعا گريہ و زاري جا رقتِ انگيز مناظر ڏسي ان بہ روئي ڏنو. اجتماع جون برڪتون هٿوهٿ ظاهر ٿيون ۽ انهن هي عهد ڪري ورتو تہ اِنْ شَآءَاللّٰه مان مدني قافلي ۾ ضرور سفر ڪندس. ايندڙ هفتيوار سنتن ڀريي اجتماع ۾ اهو اڪيلو نہ پر ٻين ڏهن ... ئي پهتو ۽ اجتماع جي اڳين ڏينهن مدني قافلي جو مسافر بڻجي ويو. اَلْحَمْدُ لِلّٰه مدني قافلي ۾ سفر ڪرڻ جي برڪت سان اُن جي نماز، وضوء غسل ۾ ٿيندڙ

غلطيون دور ٿيون ۽ اُن ڪيئي دعائون ٻہ سکي ورتيون. اُن گناهن کان توبہ ڪري پاڻ کي مدني رنگ ۾ رنگڻ ۾ چڏيو. جڏهن مدني قافلي کان موٽندي گهر ويو تہ مٿي تي عمامي جو تاج جڳمڳائي رهيو هو، اهو سڀ ڏسي ماڻهو حيران هئا تہ هن جي اندر اهڙي تبديلي ڪيئن آئي؟ ڪجهہ ڏينهن ڪانپوءِ ان همت ڪري مسجد ۾ ”فيضانِ سنت“ جو درس بہ شروع ڪري ڇڏيو، درسِ فيضانِ سنت جي برڪت سان وڏيڪ ٽن اسلامي ڀائرن عمامو شريف سجائي ورتو، ان ڪانپوءِ هُو پابندي سان هفتيوار سنتن ڀريي اجتماع ۾ شرڪت ڪرڻ لڳو ۽ آهستہ آهستہ ان جي ڳوٺ ۾ بہ ديني ڪمن جي بهار اچي وئي.

آؤ مدنی قافلے میں ہم کریں مل کر سفر
سنتیں سیکھیں گے اس میں اِنْ شَآءَاللّٰہ سر بسر

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## نماز نور آهي

حضرت ابومالڪ اشعري رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کان روايت آهي ته الله پاڪ جي پياري نبي صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: اَلصَّلَاةُ نُوْرٌ يعني نماز نور آهي.

(مسلم شريف ص115،حديث:534.)

## نماز جي ”نور“ هجڻ جو مطلب

حضرت امام ابو زَڪَرِيّا يحيٰ بن شرف نَوَوِي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه نماز جي نور هجڻ جي وضاحت ڪندي لکن ٿا: هن جي معنٰي هي آهي ته جيئن نور جي ذريعي

روشني حاصل ڪئي ويندي آهي ائين ئي نماز بہ گناهن ڪان روڪيندي آهي ۽ بي حيائي ۽ بري ڳالهين ڪان روڪي صحيح واٽ ڏيکاريندي آهي. هڪ قول جي مطابق هن جي معنٰي آهي: نماز جو اجر ۽ ثواب قيامت جي ڏينهن نمازي جي لاءِ نور هوندو. هڪ قول هي بہ آهي: هن جو مطلب هي آهي تہ قيامت جي ڏينهن نمازي جي چهري تي نماز نور بڻجي ظاهر ٿيندي، پڻ دنيا ۾ بہ نمازيءَ جي چهري تي رونق هوندي. (شرح مسلم جلد 2 ص 101)

## سجدي جو نشان پلصراط تي ٽارچ جو ڪم ڏيندو

حضرت مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هن حديث جي حوالي سان لکن ٿا: يعني نماز مسلمان جي دل جي،

چھري جي، قبر جي، قيامت جي روشني آھي، پلصراط تي سجدي جو نشان ٿارچ جو ڪم ڏيندو. رب پاڪ فرمائي ٿو:

نُوۡرُهُمۡ يَسۡعٰى بَيۡنَ اَيۡدِيۡهِمۡ

ترجمو ڪنزالايمان: انهن جو نور ڊڪندو هوندو انهن جي اڳيان

(پ 28، التحريم:8) (مرأة المناجيح جلد1 ص232)

پڑھتے رہو، نماز تو چہرے پہ نور ہے
پڑھتا نہیں نماز وہ جنت سے دور ہے

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب ! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## نماز دين جو سُتُونُ آهي

سرڪار عالي وقار، مديني جي تاجدار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: نماز دين جو سُتُونُ آهي، جنهن ان کي قائم رکيو ان دين کي قائم رکيو ۽ جنهن ان کي ڇڏي ڏنو اُن دين کي مسمار ڪري ڇڏيو.
(منية المصلي، ص۔ 13)

## چمڪندڙ چهرا

منقول آهي تہ جڏهن قيامت قائم ٿيندي تہ نمازين کي جماعت در جماعت (يعني ٽولن جي صورت ۾) جنت ۾ وڃڻ جو حڪم ٿيندو، جڏهن پهريون ٽولو جنت ۾ موڪلڻ جي لاءِ آندو ويندو تہ انهن جا چهرا تارن جيان چمڪندا هوندا، ملائڪ انهن جو استقبال ڪندا ۽ انهن کان پڇندا: توهان ڪير آهيو؟ اهي چوندا: اسان امتِ محمديہ جا

نمازي آهيون، وري پڇيو ويندو: توهان جي اعمال (يعني نمازن) جو ڪهڙو حال آهي؟ اهي چوندا: اسان اَذان ٻڌندي ئي وضو جي لاءِ ٻيهي رهندا هئاسين ۽ دنيا جي ڪابہ شيء اسان کي ان ڪان روڪي نہ سگهندي هئي. ملائڪ چوندا: توهان انهيءَ جا حقدار آهيو (تہ توهان کي جنت ۾ موڪليو وڃي). پوءِ ٻيو ٽولو جنت ۾ موڪلڻ جي لاءِ آندو ويندو جن جو حسن ۽ جمال (يعني خوبصورتي) ٻين ٽولي ڪان وڌيڪ هوندي، انهن جا چهرا چنڊ جيان چمڪندا هوندا، ملائڪ پڇندا: توهان ڪير آهيو؟ اهي چوندا: اسان نماز پڙهڻ وارا هئاسين، وري پڇندا: توهان جي نمازن جو ڪهڙو حال هو؟ اهي چوندا: اسان نماز جي وقت ڪان پهريان ئي نماز جي لاءِ وضو ڪري وٺندا هئاسون (جڏهن اَذان

ٻڌندا هئاسين تہ جلدي مسجد ۾ حاضر ٿي ويندا هئاسون). ملائڪ چوندا: توهان انهيءَ جا مستحق آهيو (يعني جنت جا). پوءِ ٽيون ٽولو جنت ۾ موڪلڻ جي لاءِ آندو ويندو جن جو مقام ۽ مرتبو، حسن ۽ جمال (يعني خوبصورتي) پهرين ٻنهي ٽولن کان بہ وڌيڪ هوندي، انهن جا چهرا سج جيان روشن هوندا، ملائڪ انهن کان پڇندا: توهان ايترا خوبصورت ۽ ايتري اعلٰي مقام وارا ڪير آهيو؟ اهي چوندا: اسان هميشہ نماز پڙهندا هئاسين. ملائڪ پڇندا: توهان جي نمازن جو ڪهڙو حال آهي؟ اهي چوندا: اسان اَذان ٿيڻ کان اڳ ۾ ئي مسجد ۾ موجود هوندا هئاسين ۽ اَذان مسجد ۾ ئي ٻڌندا هئاسين، ملائڪ چوندا: توهان انهيءَ جا

مستحق آهيو. (قوت القلوب، ج۔ 2، ص۔ 168)

اک روز مومنو! تمہیں مرنا ضرور ہے
پڑھتے رہو نماز تو چہرے پہ نور ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## جنتن جا دروازا کلي ويندا آهن

الله اڪبر! نماز ڪيتري نہ پياري عبادت آهي جو شروع ڪندي ئي جنت جا دروازا کُلي ويندا آهن، جيئن حضرت سيدنا ابو اُمامہ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کان روايت آهي، رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ معظم آهي: ”ٻانهو جڏهن نماز جي لاءِ بيهندو آهي تہ ان جي لاءِ جنت جا دروازا کوليا ويندا آهن، ۽ ان جي ۽ پروردگار جي وچ مان پردا هٽايا ويندا آهن.

۾ وڏين اکين واريون حورون ان جو استقبال ڪنديون آهن جيستائين نہ نڪ سڙڪي نہ کهنگي.“

(معجم ڪبير جلد 8 ص250،حديث:7980)

## ڪو ملائڪ رڪوع ۾ آهي تہ ڪو سجدي ۾!

حضرت ابو سَعيد رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ کان روايت آهي، تاجدارِ مدينہ صَلَّی اللّٰہُ عَلَيۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: اللّٰه پاڪ ڪا اهڙي شيءِ فرض ناهي ڪئي جيڪا توحيد ۽ نماز کان بهتر هجي. جيڪڏهن انهن کان بهتر ڪا شيءِ هجي ها تہ اها ضرور ملائڪن تي فرض ڪري ها انهن ملائڪن ۾ ڪو رڪوع ۾ آهي تہ ڪو سجدي ۾. (الفردوس بماثورالخطاب جلد1ص165،حديث:610)

# عرش وارا ملائڪ مسلمانن جي بخشش گھرندا آهن

منقول آهي تہ جڏهن اللّٰہ پاڪ ست آسمان پيدا ڪيا تہ اُنهن کي ملائڪن سان ڀري ڇڏيو. اهي نماز پڙهي عبادت ڪن ٿا ۽ گهڙي ڪن بہ غفلت نٿا ڪن. اللّٰہ پاڪ هر آسمان وارن جي لاءِ عبادت جي هڪ خاص قسم مقرر فرمائي ڇڏي. جيئن تہ ڪجهہ آسمان وارن تي هي عبادت مقرر ٿي جو هُو صور ڦوڪڻ تائين پيرن پر بيٺل رهن. هڪ آسمان وارا رڪوع ۾ جهڪيل آهن، هڪ آسمان وارا سجدي ۾ آهن، هڪ آسمان وارن جا پَر اللّٰہ پاڪ جي جلال جي اڳيان ڪِريل آهن، عِلّيّين (عِلّ. لي.يين يعني ستين آسمان) وارا عرشِ الٰهي جي چوڌاري طواف ڪري رهيا آهن ۽ اللّٰہ پاڪ جي حمد ۽ تسبيح (يعني

تعريف ۽ پاڪي بيان) ڪري رهيا آهن، ۽ زمين وارن جي لاءِ بخشش جي دعا ڪري رهيا آهن. مسلمانن جي فضيلت جي خاطر انهن سڀني عبادتن کي هڪ نماز ۾ جمع ڪيو ويندو آهي ته جيئن مسلمانن کي هر آسمان وارن جي عبادت ۾ حصو ملي وڃي. (مڪاشفة القلوب ص222)

دربارِ مصطفٰی میں تمہیں لیکے جائے گی
خالق سے بخشوائے گی اے بھائیو! نماز

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰہ عَلٰی مُحَمَّد

## هڪ لک ملائڪ

حضرت امام ابو حامد محمد بن محمد بن محمد غزالي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه نقل ڪن ٿا: "مؤمن ٻانهو جڏهن

نماز پڙهندو آهي تہ ان تي ملائڪن جون ڏهہ صفون تعجب ڪنديون آهن جن ۾ هر هڪ صف ڏهہ هزار جي هوندي آهي. ۽ اللّٰہ پاڪ اُن ٻانهي تي اُن هڪ لک ملائڪن جي سامهون فخر ڪندو آهي. (احياءُالعلوم، جلد 1، ص 231 ) (احياءُالعلوم اردو جلد1ص562)

## ملائڪن جي تعجب ڪرڻ جو سبب

حضرت امام غزالي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه اها روايت بيان ڪرڻ کان پوءِ فرمائن ٿا: ان جو سبب هي آهي تہ ٻانهي جي نماز ۾ قيام قعود ۽ رڪوع ۽ سجود جمع ٿي ويندا آهن جڏهن تہ اللّٰہ پاڪ هنن چار رڪنن کي 40 هزار ملائڪن ۾ ورهايو آهي. قيام ڪرڻ (يعني بيهڻ) وارا ملائڪ قيامت تائين رڪوع نہ ڪندا. سجدو ڪرڻ وارا قيامت

تائين سجدي مان مٿو نہ کڻندا. اهڙي طرح رکوع ۽ قعدو ڪرڻ وارن جو حال آهي ڇوتہ الله پاڪ ملائڪن کي جيڪو قرب (يعني پنهنجي ويجهڙائپ جو شرف) ۽ رتبو عطا فرمايو آهي (ان جي مطابق) انهن تي هميشہ هڪ ئي حالت تي رهڻ لازم آهي اُن ۾ ڪمي بيشي (يعني گهٽتائي يا زيادتي) نہ ٿيندي. الله پاڪ ان جي متعلق خبر ڏيندي سيپاري 23 سورة الصّٰفّٰت جي آيت 164 ۾ ارشاد فرمايو:

وَ مَا مِنَّاۤ اِلَّا لَهٗ مَقَامٌ مَّعْلُوْمٌ ﴿۱۶۴﴾

ترجمو ڪنزالايمان: ۽ ملائڪ چون ٿا اسان ۾ هر هڪ جو هڪ معلوم مقام آهي

تفسيرِ صراط الجنان جلد 8 صفحي 357 کان 358 تي بيان ڪيل آيتِ ڪريمہ جي حصي (وَمَامِنَّآ يعني اسان ۾ هر هڪ جي لاءِ) جي حوالي سان آهي: (ان جي هڪ) تفسير هي آهي تہ حضرت جبريل عَلَيْهِ السَّلَام حضُور سيدالمرسلين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاهہ ۾ عرض ڪيو: يارسول اللّٰه! ”اسان ملائڪن جي ٽولن مان هر هڪ جي لاءِ جڳهہ مقرر آهي جنهن ۾ اهو پنهنجي رب پاڪ جي عبادت ڪندو آهي.“ حضرت عبداللّٰه بن عباس رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا فرمايو تہ آسمانن ۾ ڪرانٹ جيتري بہ جڳهہ اهڙي ناهي جنهن ۾ ڪو ملائڪ نماز نہ پڙهندو هجي يا تسبيح نہ ڪندو هجي. (روح البيان جلد7ص494، خازن جلد4ص28)

# نماز نور آهي

حضرت ابومالڪ اشعري رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ کان روايت آهي ته الله پاڪ جي پياري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: **اَلصَّلٰوةُ نُوْرٌ** يعني نماز نور آهي.

(مسلم شريف ص١١٥،حديث:٥٣٤)

عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي
UAN: +92 111 25 26 92 Ext: 7213
Web: www.dawateislami.net / E-mail: translation@dawateislami.net